ڊاڪٽر الھوسايو سومرو*

# حمل فقير لغاري، جي شاعريءَ ۾ محبت، عشق ۽ حسن جو تذڪرو: تنقيدي جائزو

# The Mention of Love, Romance and Beauty In The Poetry Of Hamal Faqeer Laghari: Acritical Study

**ABSTRACT:**

Hamal Faqeer Laghari is a well known peot of Sindhi. He was born in 1225 Hijri / 1809 A.D in the village of Meer khan Laghari, Khairpur Sate and died in 1296 Hijri and burried in a graveyard of Ibrahim Shah, near village Mahmood Khan Laghari, presently in Sakrand taluka.

Hamal Faqeer wrote his poetry in Sindhi, Seraiki,Hindi and Persian Languages, but his Sindhi and Seraiki poertry is more popular.

His collection of poetry namely "Deewan Hamal" was published in 1914 fislty from shikarpur, but his complete poetry was published in 1953, by Dr.Nabi Bux Khan Baloch, from Sindhi Adabi board_ in this collection of his poetry there are three portions_ Sindhi kalam, Seraiki kalam and Hindi Persian kalam respectively. In sindhi portion there are 12 chapters,first three chapters are relating to religious topics, like Madah_ Moajaza. Etc and there are nine are depending on various topics but mostly on Sindhi Romantic Folk stonies of Sassui _ Marui _ Sohni and Moomal In this paper his Sindhi Poetry is critically reviewed in the light of love, Romance and Beauty and attempt has been made to understand his message about the given points according to topic.

حمل فقير لغاري ولد محمد رحيم لغاري، پاڙو "لَهلولاڻي"، قبيلو "سيرڪاڻي" جو جنم 1225 ھ (1809ع) ۾ رياست خيرپور جي ڳوٺ " مير خان لغاري" ۾ ٿيو ۽ سندس وصال 02 صفر 1296 ھ تي ٿيو، " هن بزرگ کي ڳوٺ محمود خان لغاري لڳ، ابراهيم شاھ واري مشهور قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو،"(1)

ڊاڪٽر بلوچ، سندن وڏن جو تعلق پنجاب صوبي جي ضلعي ديري غازي سان ڄاڻايو آهي. سندس وڏا ٽالپرن جي حڪومت جي شروعاتي ڏينهن ۾ لڏي اچي خيرپور رياست ۾ وينا. حمل فقير ٻه شاديون ڪيون، ڪيس پهرين گهر واريءَ مان هڪ نياڻي ۽ هِڪ پٽ جي اولاد ٿيس ۽ ٻئي گهر واريءَ مان ٻن نياڻين جي اولاد ٿيس. حمل فقير جي پاڙي جو وڏو رئيس ميان سعيد خان هو.

* اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

”رئيس ميان سعيد خان، مير ڪرم علي خان ۽ پوءِ مير مراد علي خان جي طرفان سبزل ڪوٽ جو نواب هو.“(2)

حمل پنهنجي منفرد طبيعت، ذهانت جي ڪري رئيس ميان سعيد خان کي ڏاڍو پيارو هوندو هو، انهيءَ سبب جي ڪري رئيس کيس نديڻ کان ئي پاڻ سان گڏ رهايو هو، تعليم جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب، ڊاڪٽر بلوچ کان نقل ڪري ٿو ته : ” رئيس سعيد خان کيس سبزل ڪوٽ ۾ رهايو، انهيءَ ڪري ممڪن آهي ته حمل جي تعليم ۽ تربيت نواب سعيد خان جي زير نظر ٿي هجي. بهرحال سندس علمي لياقت جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته وقت جي رواج موجب چڱي خاصي پارسي تعليم حاصل ڪيائين“(3)

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ مير خان لغاري، تعلقي سڪرنڊ ۾ مدرسو کوليائون، جتي هن شاگردن کي تعليم ڏني. حمل فقير لنواريءَ واري بزرگ جو مريد ٿيو ۽ نقشبندي ۽ قادري طريقي جي باري ۾ صحيفو منظوم ڪيائين. سندس ڪُليات ۾ هن جو تفصيلي ذڪر ملي ٿو. حمل فقير جو والد رحيم خان بيت ناهيندو هو، انهن بيتن مان کيس شاعريءَ طرف لاڙو ٿيو ۽ ان وقت جي سندس همعصر شاعرن سان ڪن سلسلن يا موضوعن تي بيتن جي ڏي وٺ به ڪندو هو.

حمل فقير جي سوانح حيات جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هو خليفي نبي بخش ”قاسم“ لغاري کان گهڻو متاثر هو، خليفو صاحب پير صاحب پاڳاري سيد محمد راشد روضي ڌڻي جو خليفو هو ۽ خود لغارين جي ساڳئي سيرڪاڻي قبيلي مان هو، جنهن قبيلي مان حمل خان هو. ان کان علاوه سرائيڪي ٻوليءَ جي نالي واري شاعر مولوي لُطف علي خان کان به گهڻو متاثر هو، مولوي لُطف علي جي تصنيف ”سيفلنانو“ هڪ اعليٰ معيار جي تصنيف آهي. حمل فقير مولوي لُطف علي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ بهاولپور به ويو هو پر سندس پهچڻ کان اڳ ۾ مولوي لُطف علي رحلت ڪري چڪو هو.

حمل فقير جي شاعريءَ ۾ خوش طبعي ۽ طنزيه اشعار سندس ڪلام جو حصو آهن.“ شاهه سچل کان پوءِ سندس عوامي شاعريءَ کي اوج تي پهچايائين. سچل کان پوءِ سرائيڪي شاعريءَ ۾ شايد ئي ساڻس ڪو اک ملائي سگهي.“(4)

حمل فقير جي سنڌي ۽ سرائيڪي کان علاوه سندس ڪُلياتِ ۾ ڪجهه ڪلام فارسي ۽ هندي ۾ به ملي ٿو. سندس ڪلام ۾ محبت جي گفتن سان گڏوگڏ سنجيده موضوع، قصا ۽ داستان به ملن ٿا ۽ تصوف جا ڪجهه نڪتا به ملن ٿا. سنڌي ڪلام ۾ سسئي، مارئي، سهڻي، مومل راڻي، سارنگ، ڪانگل ۽

بروي سنڌي ۾ بيت ملي ٿو. ان کان علاوه سندس ڪلام ۾ ڪُجھ بيت هُنر جا بہ ملن ٿا.

حمل جي شاعريءَ ۾ سِڪ ۽ محبت جو انوکو انداز بيان سندس شاعريءَ جو روح آهي. عوام جي جذبن ۽ ڪيفيتن، احساسن ۽ انسانيت جو سبق سندس شاعريءَ جو موضوع آهي. سندس ڪلام عام ۽ خاص ماڻهن جي زندگي جو ترجمان آهي.

شروع شروع ۾ سندس ڪلام جو مجموعو " ديوان حمل " اول 1914ع ۾ شڪارپور مان ڇپيو، ٻئي حصي ۾ سرائيڪي ڪلام ڇپيو. پروفيسر لُطف الله بدوي (جلد _ ٻئي) حمل جو باب شامل ڪيو، خانبهادر ميمڻ جي ادبي تاريخ ۾ حمل جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. ڊاڪٽر بلوچ ڀهريان 1951ع ۾ مقالو لکيو ۽ 1953ع ۾ "ڪُلياتِ حمل" کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان، مقدمي سميت ڇپرايو. ڪُليات حمل جا هن وقت تائين ست ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن. هن وقت "ڪُليات حمل" ئي محققن لاءِ ماخذ جي حيثيت رکي ٿو.

شاعر محبت، امن، پيار ۽ ڀائيچاري جا امين هوندا آهن، اهي پنهنجي ڪلام جي ذريعي ۽ پنهنجي ٻولي يا زبان ذريعي پنهنجو پيغام عوام الناس تائين پهچائن ٿا، پوءِ اهو سندن ڪلام جي موضوع، فن ۽ پُرڪشش لفظن ۽ اظهارن تي مدار رکي ٿو تہ ڪين عوام الناس جي اندر ڪيتري ٿي ملي، ڪڏهن ڪڏهن تہ سندن پيش ڪيل ڪلام ايڏي تہ مقبوليت وٺي ويندو آهي جو هر عام و خاص جي لبن تي ترنُم ۾ سندن ڪلام ڳايو، ڳارايو، ٻُڌو ۽ ٻُڌايو وڃي ٿو ۽ اهو سلسلو گهڻي وقت تائين هلي ٿو. ڪي شاعر پنهنجي عوامي شاعري جي ذريعي عوامي شاعر بڻجي وڃن ٿا، اهي شاعر شهرت يا نالي ڪمائڻ جي خواهش کان بالا هوندا آهن ،اهي مخصوص پنهنجي لاءِ شاعري ڪونہ ٿا ڪن، رڳو اهو سندن مشغلو، دلچسپي يا اندر جي اُدمات ۽ جذبن کي اظهار ٿا ڪن، پوءِ ڪٽي عوام ۾ ان کي پذيرائي ملي يا نہ .

حمل فقير بہ پنهنجي هن ذاتِ ذريعي محبت، سِڪ ، حُسن ۽ عشق جو پيغام پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيش ڪيو. سندس شاعري عام توڙي خاص ۾ مقبوليت ماڻي چڪي آهي، سندس شاعري سنڌي، سرائيڪي ۽ ڪجھ هندي ۽ فارسي ۾ بہ ملي ٿي. هتي سندس سنڌي شاعريءَ کي موضوع مطابق جانچيو ويندو.

**محبت:**

محبت هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو قدرت طرفان عطا ڪيو ويندو آهي، محبت هڪ اهڙي جذبي جو نالو آهي، جيڪو ٻين ماڻهن، شين، جاين، وڻن

ٻوٽن ۽ پکين يا جانورن وغيره سان ازخود زياده لڳاءُ يا زياده دلچسپي وٺڻ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي، جنهن سان نه رڳو انسان کي پنهنجو پاڻ ٿو وندرائي پر ٻين کي به ائين ڪرڻ جي لاءِ اتساهي ٿو ۽ موقعو فراهم ڪري ڏئي ٿو.

محبت ڪنهن رنگ نسل يا ذات پات جي محتاج ناهي هوندي، پر حُسن ۽ خوبصورت ماڻهو يا شيون پاڻ ڏانهن ٻين کي متوجه يا ڪشش ضرور ڪن ٿيو پر اهو لازم ناهي ته سندس اهي ڪشش جي ذريعي هر ڪوئي ساڻن محبت ڪري. دنيا جي تاريخ گواهه آهي ته ليلىٰ، دراصل رنگ جي سانوري هئي جنهن تي قيس مٿس مجنون ٿي پيو هو، ڪوئل رنگ جي ڪاري آهي پر سندس مينا ج پري ٻولي موهي ٿي وجهي، تاريخ اسلام مان به اهو ثابت آهي ته حضرت بلاول ڀهريون مؤذن هو پر سندس زبان پوري طرح مُخرج لفظن جي صحيح ادائيگي ڪرڻ کان قاصر هئي ۽ هڪ حبشي غلام به هيو، پر تنهن هوندي به ساڻن هر ڪو محبت ۽ اُلفت جو اظهار ڪندو هو.

هن ڳالهه مان ثابت ٿو ٿئي ته محبت رنگ و نسل کان بالا آهي. هڪڙا ماڻهو پنهنجي گهروارن سان محبت ڪن ٿا، پنهنجي اولاد سان محبت ڪن ٿا، پنهنجي اهل وعيال سان محبت ڪن ٿا، پنهنجي پاڙي وارن توڙي مٽن مائٽن ۽ دوست و احباب سان محبت ڪن ٿا، ڪي وري پنهنجي پالتو يا مويشي جانورن سان محبت ڪن ٿا، ڪي پنهنجي گهر، ڳوٺ، شهر، ديس يا ڌرتيءَ سان محبت ڪن ٿا، ڪي پنهنجي ٻنيءَ، فصل، باغ، مِلَ ، ڪارخاني، مسجد يا مندر، مذهب يا مسلڪ سان محبت ڪن ٿا، پنهنجي ڪم، ڪاروبار سان محبت ڪن ٿا، پر افضل اهي ماڻهو ليکيا وڃن ٿا جنهن جي محبت جو محور عام انسانيت آهي ۽ اهي پنهنجي مرڻ کان پوءِ به پنهنجي انسانذات سان محبت جي ڪري مرڻ کانپوءِ به ماڻهن ۾ جيئرا هوندا آهن. تقريباً هر ٻوليءَ جو شاعر انسان دوستيءَ جو سبق ڏنو آهي،، حمل فقير جي سنڌي شاعريءَ ۾ به اهڙي محبت جا مظهر ملن ٿا، جنهن مان ڪجهه هيٺ نموني طور پيش ڪجن ٿا :

داستان چوٿون _ سُر سسئي جي فصل نمبر 02 ۾ بيت نمبر 17 ۾ حمل فقير محبت جو ذڪر، سسئي جو پنهون سان هن طرح ٿو ڪري ته :

سسئي هَلِي سُج ڏي ڪري توڪل تَڻ ،
سَمر نه ڪنيائين ساڻ ڪو، توڙي پَٽڪي پَڻ،
حمل ! هوت ٻروچ جي محبت جا هُس مڻ،
مِرون ڏونگر ڏيهه جا، ڏوٻن ڏسي ڏَڻ،
واجهائيندي وَڻ، وڃي پئي وٽڪار جا. (5)

سسئي وٽ محبت جو ئي جذبو هو، جيڪو هو ساڻ ڪري بربٽ ۽ ويراني وارو اَهنجو رستو اختيار ڪيو، ان رستي تي وڏا اڙانگا جبلن جا پيچرا هئا ۽ ماڻهن بدران مِرن جو راڄ راڙو هو جڏهن ته سسئي ويچاري هٿين خالي هئي، صرف پنهون جي محبت ساهه ۾ سانڍي، منزل طرف روان دوان هئي.

سُر مارئي ۾ حب الوطني جو جذبو سمايل آهي، هن سر ۾ مارئي محل ۾ رهي ڪري به پنهنجي ديس سان ۽ ديس جي هر شئي سان بي مثال محبت جو پيش ڪري ٿي. مارئي شاهي دسترخوان توڙي شاهي آسائشن، ڪاڏن ۽ ڪپڙن لَٽن وغيره تي موهت ڪونه ٿي ٿئي، پر هُنن ڏانهن نهارڻ به پسند ڪونه ٿي ڪري، پر ان ڪان وڌي هي ڳالهه ته مارئي پنهنجي ملڪ جي هر شئي کي شاهي شين کان وڌ ٿي ڀانئي، اها محبت آهي جيڪا هن کي پنهنجي ديس سان آهي. هر شاعر مارئي جي داستان مان حب الوطني جي تمثيل ورتي آهي، حمل فقير به پنهنجي سنڌي شاعريءَ ۾ ساڳئي جذبي ۽ خيال جو اظهار ڪيو آهي.

مون ڳِتِ سائي سومرا ! جا تاريلن جي ٿر،
وِسهج وٺن ڪينڪي، تنهنجا طعام ثمر،
هيڪر ميڙ حمل چئي، واري ساڻ وَڳر.
ساڳي ساڳ سگر، وجي ڪاٽڙ ڪائيانيءَ (6)

مارئي جڏهن عمرڪوٽ ۾ قيد هئي ته اتي پنهنجي ملڪ ملير کي ۽ ماروئڙن کي ڏاڍو سارينديِ هئي، پنهنجو ڏيهه ڏسڻ لاءِ ۽ ماروئڙن سان ملڻ لاءِ ڏاڍي ماندي هئي ۽ بي چين هئي، جڏهن مينهن وسندو هو، گجگوڙ ۽ ڪنوڻ ٿيندي هئي ۽ مارئي کي وطن جي اُڪير پهرئين کان وڌي ويندي هئي، هوءَ هر نمودار ٿيندڙ صبح کي پنهنجي آزاديءَ وارو تصور ڪندي هئي، پنهنجي ملڪ ملير جي ۽ ماروئڙن جي محبت ئي سندس کاڌ و خوراڪ هئي، پنهنجي ديس ڏانهن مُنهن ڪري پنهنجي وطن جي واءُ جو، هوا جو مزو چکندي هئي، جنهن سان کيس روحاني راحت ۽ سڪون ملندو هو. حمل فقير چئي ٿو ته :

مارن جي منهن لاءِ سڪي سارو جندڙو،
ڪيو منهن ملير ڏي جَهليان وطن واءِ،
حمل چئي، هن ماڙيين رهڻ ناهي روا،
ڪاٽي قيد الماءِ، وري ويڙهيچن وجان.

(7)

سنڌ جا رومانوي داستان محبت جا لازوال مثال آهن. مارئي ڪانپوءِ سُر سهڻيءَ ۾ به حمل فقير محبت جا چِٽ چِٽيا آهن، اها محبت ئي هئي، جنهن آڌي رات جو انڌيري ۾ وچ درياهه ۾ سهڻي کي ڪچي گهڙي تي هلڻ ۽ ترڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، جڏهن ته ان وقت مينهن وسي رهيو هو، درياهه خوفناڪ ڏيک ڏيئي رهيو هو، موج ۽ مستين ۾ ڇوليون هڻي رهيو هو ۽ وڏي تِک سان وَهي رهيو هو پر سُهڻيءَ کي انهن دَهشت ڀريل خوفناڪ منظرن ڪونه ٿي مُنجهائي سگهيو، هن جي اندر ميهار جي ٻاريل محبت واري لاٽ روشن هئي، جنهن ڪيس رات جي اونداهي ۾ روشني مُيسر ڪئي، سندس تَرڻ ۾ آساني پيدا ڪئي، ڪيس همت ۽ حوصلو ڏنو ۽ پُرعزم ٿي درياهه ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ اُها محبت مُحرڪ طور ڪم ڪيائون. حمل فقير پنهنجي لفظن ۾ سُهڻي جي هن لازوال محبت کي هن طرح بيان ڪيو آهي.

ساهَڙ ساڙهي مَئون ڏني، سُرڪي ڪا سِڪجي،
سا پيڻ سان پيهي وئي، لَنئون ۾ لِڪجي،
تڏهانڪر تنهن پار ڏُنهڙُ ويهان نا وِڪجي،
منهنجي ٻيءِ مجلس ڪئون دل ويئي ڏِڪجي،
حمل حب هڪ جي رهي آهي روح ۾.(8)

جڏهن من جو محبوب وڇڙي ويندو آهي يا ٿوري گهڻي تان رُسي ويندو آهي، تڏهن محبوب جي حال جي خبر چار لهڻ ۽ پل پل کان واقف ٿيڻ لاءِ دل بي چين هوندي آهي. جيڪڏهن رُسي ويو هجي ته ريجهائڻ ۽ پرچائڻ جون ڳالهيون ٿينديون آهن. حمل فقير به ڪانگي هٿان نياپو ڇَورائي ٿو موڪلي ته :

ڪانگل! چئج قريب کي تون عرض ڪري آهون،
ڏج روئي تون ڏک مؤن، دردن جون دانهون،
تنهنجي حب حمل چئي ٿو روز ڏسان راهون،
ٻاجَهه ڀريون ٻانهون،اچي مون ڳل ڏي منهنجا پرين!(9)

حمل فقير هڪ ٻئي هنڌ پنهنجي سڪ ۽ محبت جو اظهار هن طرح ڪيو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي هر شيءِ مال و متاع، تن و من سڀ محبوب مٿان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿو نظر اچي.

سِڪندي ٿيڙم سال، تو سڪ نه لاٿي سپرين!
انئي پهر اندر ۾، آ تنهنجي سِڪَ سنيال،
اچن هوند، حمل چئي، ڪَري ٻلائي ٻال،
ته مِلڪ مَڏيون سڀ مال، سِر سُوڌو صدقي ڪريان.
(10)

هڪ ٻئي بيت ۾ حمل فقير تمام سهڻن لفظن ۾ ساڳئي موضوع کي هن طرح ٿو بيان ڪري ته :

سورن سَوَ هزار، لکڻ ليکو ناه ڪو،
وَهَمن وڏي وڻ ڪيا، ڏُکن مُڪا ڏار،
دعا ڪريو تان دوست اچي، حمل چئي هيڪار،
تان ساجن تئون سو وار، صدقو ساه سِسِي ڪريان.

(11)

حمل فقير پنهنجي انداز بيان جي ڪري ٻين شاعرن کان گهڻو نرالو آهي، هو عشق ۽ محبت جي ڳالهه لِڪ ۾ ڪونه ٿو ڪري، صفا صاف لفظن ۽ عام فهم لفظن ۾ بيان ٿو ڪري. جيڪڏهن ڪنهن سان دل لڳي وڃي ۽ اڳيئن جي به دل لڳي وڃي ته تڏهن سون تي سهاڳو لڳڻ برابر ٿيندو ۽ جيڪڏهن هڪ طرف کان محبت جي معيار ۾ ڪوٽ اچي وڃي ته تڏهن پڄي پورا ٿي پوندي ۽ ان پڳل ٽٽل دل جو علاج به ڪونه ٿو ملي، حمل فقير چئي ٿو ته :

حمل چئي هن ڳالهه جو ويهي ڪيم ويچار،
ته دل لڳي دوستيءَ جو چا مُلهه آهي مقدار؟
تان اندر مان عقل چيو، نقطو هيءُ نروار،
وجي لڳي ته لک هزار، ٽٽي ته ٽڪو ئي نه لهي.(12)

<u>**رومانيت/ عشق :**</u>

جڏهن چاهت پنهنجي عروج کي ٿي پهچي تڏهن عشق ٿي پوندو آهي، محبت لاءِ ماڻهن يا شين جو تعداد مقرر نه هوندو آهي پر عشق رڳو هڪ مخصوص فرد سان ٿيندو آهي. چوندا آهن ته عشق انڌو ٿيندو آهي، تنهن ڪري عشق رنگ ونسل، قد و ڪاٺ، ذات پات، زبان يا ٻولي، ملڪ يا ديس وغيره جو لحاظ ڪونه ڪري، جهڙي طرح مجنون جي ليليٰ رنگ جي سانوري هئي، سسئي جو پنهون، ڪيچ مڪران جي علائقي جو هو، سهڻيءَ جو ميهار، عرب ملڪ جو رهواسي هو، مومل جو مينڌرو، هڪ غلام هو، مطلب ته عشق اهڙين رنگ ونسل توڙي ذات پات جي اوچ نيچ وارين ڳالهين کان بالا ٿيندو آهي.

عشق عربي ٻولي جي لفظ عشقه مان ورتل آهي. عشقه هڪ اهڙي وڻ ويڙهي ول ٿيندي آهي، جيڪا وڻ کي سندس پاڙ يا ٿڙ کان وڪوڙڻ ۽ مٿي چڙهڻ شروع ڪندي آهي، ايستائين جو وڻ جي هر ڏار ۽ چوٽي ۽ پن پن تي

وڪوڙجي ويندي آهي ۽ نتيجي ۾ اهو سائو وڻ سُڪي ۽ سڙي ويندو آهي ۽ بيني بيني ختم ٿي ويندو آهي، اهڙي طرح سان عشق جڏهن ڪنهن ماڻهو کي چڙهندو آهي، تڏهن ان ماڻهو جو اهڙو حال ٿيندو آهي، جهڙو ان وڻ جو. عاشق جو جيئڻ جنجال ٿي پوندو آهي، اُڃ ۽ بُک جي ڪا به پرواهه نه هوندي اٿس، ڏينهن رات، جاڳندي سمهندي، گهمندي ڦرندي مطلب ته هر گهڙي ڪيس معشوق جي ديدار جي ۽ مُلاقات جي سندس اندر اُڻ تُڻ هوندي آهي، هو پنهنجو به نه ٿي سگهندو آهي، ڪنهن جي سمجهائڻ سان به سمجهه نه وٺي سگهندو آهي .

سنڌي شاعريءَ ۾ عشق ۽ عاشق و معشوق جي چرچن جو ذڪر گهڻو ملي ٿو، هر شاعر پنهنجي مشاهدي ۽ ذاتي تجربي آهر انهن ڪيفيتن ۽ حالتن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي عشق جي پيچري ۾ درپيش آهن.

حمل فقير جي سنڌي شاعريءَ ۾ به عشق جو تذڪرو ملي ٿو، هو پنهنجي معشوق سان محبت جون ڳالهيون ٿو ڪري، قرب پريون ڪچهريون ڪرڻ ٿو گهري، جنهن سان سندس جسماني خوراڪ پوري ٿئي ٿي، جيڪڏهن اها خوراڪ نه ملندس ته پوءِ سندس جيئرو رهڻ محال آهي.

ڳالهيون اتم ڪي، توسان دلبر! دل جون،
چوان چئي نه سگهان، ساجن! منهن تي سي،
ڏسي حال حمل جو ڪو دوست! دلاسو ڏي،
نه ته هاڻي هيءُ اڳتي، ويندُءِ محب! مري ڪري.

(13)

حمل جو معشوق لکن ۾ هڪ آهي، سندس معشوق جي مَٽ ۽ ثاني بيو ڪير به نه ٿو ٿي سگهي، سندس معشوق اعلى انساني گُڻن ۽ ڪردارن سان مالامال آهي، سندس گُفتا ۽ گُڻ هميشه ياد رکڻ جهڙا ۽ ساهه ۾ سانڍڻ جهڙا آهن.

ساجن تُنهنجي سِڪ جي آهه اندر ۾ اُڻ تُڻ،
ڦوڙائي فراق جا، تا چاڪ ڪرن چُڻ پُڻ،
هيڪر حال حمل جو، ساجن تان سُڻ سُڻ،
تُنهنجون ڳالهيون ۽ ڳُڻ ڳُڻ، ڪنهن دم وسرن ڪينڪي.

(14)

سنڌ جي گهڻو ڪري سيني شاعرن سنڌ جي رومانوي داستانن مان تمثيل طور مدد ورتي آهي. حمل فقير به اهڙن داستانن مان عشق و محبت، حُسن و خوبصورتي جي لاءِ تمثيل وٺي ٿو.

سُر مومل راڻو ۾ حمل فقير، مومل جي زباني چوي ٿو ته، ماڙيون ۽ محل ۽ شاهي آسائشون سڀ جو سڀ سندس محبوب مينڌري ڪانسواءِ بي مزي

آهن،انهن مان مومل کي کو بہ سکون کونہ ٿو ملي، چاڪاڻ تہ ڪانئڻ سندس روح جو راڻو رُنل آهي :

توڙي ميان مينڌرا ! ماڙيون ٽيون مارين،
طول وِهاڻا تَڪِيا، گِچ اندر ڳارين،
هڪ جيڏيون حمل چئي، هنجون ٽيون هارين،
سوڍا ٽيون سارين، تو کي ڪنواريون ڪاڪ جون.

(15)

حمل جي مارئي بہ پنهنجي وطن جي هر شيءِ تان ساهہ صدقو ڪري ٿي، شاهي محل ۾ شاهي سهولتن ۽ شاهي طعامن هوندي بہ پنهنجي ديس جي ڪٽن مِنن طعامن، گاهن ۽ گولاڙن کي ياد ٿي ڪري ۽ انهن جي ياد ۾ شاهي طعام ٿي ٺُڪرائي ۽ پنهنجي ديس جي ماڳن، ولين ۽ گاهن جو ڪاچ شاهي طعامن ڪان وڌ ۽ بهتر ٿي سمجهي :

مون ڳِتِ سائي سومرا ! جا ڏنارن ڏٺي،
آڻن وقت اجهورجي، لاٽي لَلُر لُٺي،
سِکي هانءُ حمل چئي، سَگُر ساڳ سُٺي،
چُوندن ساڻ چُٺي، پيرون ڪايان پٽ جا. (16)

سهڻي کي عشق جي شربت پيئڻ سان، سندس خوف و ڊپ ختم ٿي ويو هجي هوءَ سمجهندي ۽ ڄاڻيندي بہ درياهہ جي سِير ۾ ڪچي گهڙي تي هَلي ٿي پئي، مرڻ جو خوف بہ ڪيس ڪو نہ روڪي سگهيو هو، هوءَ مَري بہ ، پنهنجو پاڻ کي زنده جاويد بڻائي ٿي ڇڏي. هر شاعر پنهنجي مُشاهدي جي قُوت پري اک سان سهڻيءَ جي هن ڪردار کي پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪيو آهي. حمل فقير وٽ بہ ساڳئي مشاهدي واري اک آهي، هو سهڻي جي هِن ڪردار کي بيان ٿو ڪري تہ:

ساهڙ ڪئون سِڪ جي پيتائين پُڙي،
ڇڏي هوش حمل چئي، لهرن منجهہ لُڙهي،
ڏيئي سِر سُرهي ٿي، سا مَرندي ڪين مُڙي،
ڏُهي ڏُڏ ڦڙي ، ڪا ميهر ڏنس موت جي.

(17)

عشق جي ڪانَ جنهن کي لڳي ٿي، تنهن ڪان پڇجي تہ عشق ڇا آهي، عشق جي ڪري ئي سسُئي سورن ۽ سَختين کي سَٺو، اڙانگن جبل جي پيچرن جو سفر ڪيو، رُج ۽ ويراني ۾ سندس سڏ تي ڪو سڏ ڏيڻ وارو نہ هو، هڪ

عورت ٻيو اڪيلائپ، ٿيون رستي ۽ ڏڳ ڪان ناواقف هئي ، هن حَسِين نينگريءَ کي ڦوهه جواني ۽ عشق ۾ مست ٿيل جواني ڪيس سيني اوڪاين ۽ اُهنجن ڪان بالا ڪري ڇڏيو هو. هوءَ روئندي ۽ رڙندي بہ وئي ۽ پُنهل کي پُڪاريندي بہ وئي ۽ ائين پنهنجي منزل طرف روان دوان رهي، حمل فقير بہ سندس سُورن جو ۽ اوڪاين جو اظهار هن طرح ڪيو آهي تہ :

ڪوٿ تہ ڪاڪوڪار، نہ ڪو سُجي سَڏ ڪو،
مُنهن هَيَم مونن ۾، ڪڍي پنهل لئي پار،
حمل چئي هيڪار، هوت! اچي مِل حُب ۾ (18)

حمل فقير خود پاڻ بہ مجازي عشق جي آڙ ۾ ڦاٿو هو، تڏهن پنهنجي جذبن جو اظهار پنهنجي شروعاتي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪيو هئائون تہ :

پريان سندي پار جي ڪُتِيءَ اچي ڪاري،
تہ هوند سڀ لغاري، ان ڪُتِيءَ تان قربان ٿيون. (19)

**حُسن ۽ خوبصورتي:**

ڪنهن بہ فرد يا شيءِ جو حسن ۽ خوبصورتي متس موهت جو ڪارڻ آهن، شاعر تہ هونئن بہ حساس طبيعت جا مالڪ هوندا آهن، پر عام ماڻهو جي واتان بہ انهيءَ ماڻهو يا شي جو حسن ۽ خوبصورتي ڏسي ازخود واهہ واهہ نڪري ويندي آهي. حُسن هڪ وڻندڙ جذبي جو نالو آهي ۽ خوبصورتي وري وڻندڙ ۽ سهڻي صورت جو نانءُ آهي. حُسن ۽ خوبصورتي کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، جهڙوڪ 1 فطرتي حُسن ۽ خوبصورتي ۽ 2 مصنوعي حُسن ۽ خوبصورتي.

فطرتي حُسن ۽ خوبصورتي قدرت طرفان ٿيل آهن ۽ جڏهن تہ مصنوعي حُسن ۽ خوبصورتي، انسان پنهنجي هَٿن سان تخليق ٿو ڪري. حُسن ۽ خوبصورتي ڪنهن مخصوص فرد يا ماڻهو ۾ مقرر نہ آهي پر هر ڪنهن شيءِ جاءِ، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، پکي جانور ۽ سندس ٻولي وغيره ۾ ٿيندو آهي. مثال طور مور پنهنجي سهڻي صورت جي ڪري، ڪوئل مِنڙي ۽ پياري ٻوليءَ جي ڪري، ڪتو پنهنجي وفاداري جي ڪري، هرڻ پنهنجي ڪجل پرين اکين جي ڪري، ڪونج سنهي ۽ ڊگهڙي ڳچيءَ جي ڪري خوبصورتي جا شاندار مثال آهن.
شاعر اهڙين شين جي حُسن ۽ خوبصورتيءَ جو اظهار پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ڪن ٿا ۽ ان ڪان علاوه سندس شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل سُهڻا ۽ موهيندڙ

لفظ، انداز بيان ۽ منظرنگاري بہ سندس شاعريءَ جو حسن ۽ خوبصورتي کي بيان ڪن ٿا. حمل وٽ اهي سڀ شيون مِلن ٿيون، پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ هنڌ هو بيان ٿو ڪري تہ :

زلف ڏنگا، اَبروءِ ڏنگا، گفتار ڏِنگي رفتار ڏِنگي،
جنهن جاءِ هوندا اِهي چار ڏِنگا، لاچار هوندي هَر ڪارَ ڏِنگي.

(20)

هن ۾ لفظن جي ڪيڏي نہ خوبصورتي آهي، جو هِي بيت پُر ڪشش ٿو لڳي، ڏِنگي هئڻ جا مثال ورتا ويا آهن تہ زُلف ۽ ابروءِ ڏِنگا هُجن، هيءَ انساني حُسن ۽ خوبصورتي جو بيان آهي تہ جڏهن اهڙيون خوبصورت هَستيون موجود هجن اُتي سندن حسن جي موهت جي ڪري ماڻهن کان سندس ڪم و ڪار وسريو وڃي. گفتگو انساني اظهار جو نالو آهي، جيڪڏهن هن ۾ بہ خيانت هوندي تہ ڪم ڪار صحيح نہ ٿي سگهندو، رفتار ڏنگي مان مُراد گوهيون هئڻ آهي، گوهيون هئڻ جي ڪري ماڻهو ماڻهو گُم ٿي سگهي ٿو، لِڪي وڃي ٿو يا سُواري جي گوهيون هئڻ ڪري سُوار هيٺ ڪِري بہ سگهي ٿو. مطلب تہ اهڙن چئني ڏنگن سان واسطو پَوڻ جي ڪري ڪاروهنوار متاثر ٿئي ٿو.سهڻن ۽ چڱن لفظن جو استعمال سان شعر جي حُسن ۽ جمال ۾ اضافو ٿو ٿئي، حمل وٽ اهڙن لفظن جو استعمال گهڻو ملي ٿو. هو هڪ ۽ ساڳئي لفظ کي ساڳئي شعر اندر استعمال ڪري ان مان مختلف معنائون ٿو وني، لوڪ ادب ۾ اهو فن سُگهڙ کي حاصل هوندو آهي، اهڙي طرح حمل فقير هڪ سني شاعر هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سنو سُگهڙ بہ آهي، هو هڪ بيت ۾ هن طرح ٿو بيان ڪري تہ :

ڪاڻ ڪَنين جي ڪاڻ، آءٌ ڪاڻون ڪيان ڪِن جون،
نہ تہ ڪير ڪاڻون، ڪير اسين ڪير ڪيي هوند ڪاڻ،
اسين پاڻ اُتامرا، ڪنهن جي ڪيون نہ ڪاڻ،
پر حمل ! سُرهي ساجن ڪاڻ، تا ڪاڻون ڪيون ڪن جون.

(21)

مختلف تجنيسون شعر جي حُسن ۾ اضافو ڪن ٿيون. حمل فقير وٽ تجنيس حرفي جي استعمال سان سندس شعر سهڻو ۽ مهڻو لباس ٿو ڍَڪي، نموني طور هي بيت پيش ڪجي ٿو :

اسان تون عيدان ڪريون، وَريو ورق وصال،
هجر جو حمل چئي، قادر ڪيو ڪال،
صاحب مجيو سوال، ويو درد دفع ٿي. (22)

ليڪ ڏنل لفظن جا شروعاتي حرف هن تجنيس جو مثال آهن، جنهن جي استعمال سان شعر جي پڙهڻ ۾ آساني ۽ رواني موجود آهي ۽ حُسن و خوبصورتي ۾ پَلي پٽ اضافو ٿيو آهي.

حمل فقير وٽ مصنوعي سينگار ذريعي پيدا ٿيل حُسن جو ٻہ ذڪر ملي ٿو، جنهن ۾ خوبصورتي جي اضافي جي ڪري مَٿس مَن موهت ٿو ٿئي : جهڙوڪ هڪ غزل جا هڪ ٻہ بند هن طرح آهن تہ :

لعل لالن سدا، لڪ لعل تنهن مون لعل ٿيا،
سا ڏِسي لالي لَبن، قربان ڪئين مَرجان جام،
تِير مِژگن جا تِڪا نِت ئين تَن جا نارَ سان
تا هَڻن هر لحظ رتڪش تير جان تُرڪانَ ڪان.(23)

## حوالا:

1 بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر سهيڙيندڙ، ڪليات حمل _ حمل فقير جو ڪلام، ڄامشورو، سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ ، ستون ايڊيشن آگسٽ 2011ع، ص نمبر 33

2 ساڳيو، ص 2

3 جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ(جلد ٻيو)، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سال 2005ع، ص 85

4 ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪراچي، ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار، سال 2006ع، ص 205

5 بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، سهيڙيندڙ، ڪليات حمل _ حمل فقير جو ڪلام، ڄامشورو، سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ستون ايڊيشن آگسٽ 2011ع، ص 176

6 ساڳيو _ ص 182

7 ساڳيو _ ص 181

8 ساڳيو _ ص 186

9 ساڳيو _ ص 200

10 ساڳيو _ ص 205

11 ساڳيو _ ص 207

12 ساڳيو _ ص 214

13 ساڳيو _ ص 206

14 ساڳيو _ ص 207

15 ساڳيو _ ص 290
16 ساڳيو _ ص 183
17 ساڳيو _ ص 188
18 ساڳيو _ ص 175
19 ساڳيو _ ص 36
20 ساڳيو _ ص 215
21 ساڳيو _ ص 209
22 ساڳيو _ ص 210
23 ساڳيو _ ص 217